SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIV مجريه 1972
# SINDH ORDINANCE NO.XXIV OF 1972
# سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن آرڊيننس، 1972
# THE SINDH AGRICULTURAL SUPPLIES ORGANIZATION ORDINANCE, 1972

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extend and commencement

2. وصفون
Definitions

3. قيام ۽ هيئت
Establishment and incorporation

4. مئنيجمينٽ ۽ ايڊمنسٽريشن
Management and administration

5. بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

6. چيئرمين جي مقرري
Appointment of Chairman

7. عملدارن وغيره جي مقرري
Appointment of Officers etc

8. ملازمت جي پرتي جا شرط ۽ انتظامي اختيار

Recruitment conditions of Service and disciplinary powers

9. بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

10. ريٽرنس اسٽيٽمينٽس وغيره

Returns statement, etc

11. منتقلي

Delegation

12. ڪم

Functions

13. عام اختيار

General Powers

14. آرگنائيزيشن جي مقصد لاءِ ايراضي جو اعلان

Declaration of area for purpose of Organization

15. آرگنائيزيشن فنڊ

Organization Fund

16. فنڊس جي حوالگي ۽ سيڙپڪاري

Custody and Investment of funds

17. بجيٽ

Budget

18. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

19. ضابطا جوڙڻ جو اختيار

Power to make regulations

20. چيئرمين وغيره سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا

Chairman, etc deemed to be public servants

21. رهتن جي اوڳاڙي

Recovery of dues

22. معاوضو

Compensation

23. اڪائونٽس ۽ آڊٽ

Accounts and Audit

24. ساليانو رپورٽ

Annual Report

25. آرگنائيزيشن جي تحليل

Dissolution of the Organization

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIV مجريہ 1972
# SINDH ORDINANCE NO.XXIV OF 1972
# سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن آرڊيننس، 1972
# THE SINDH AGRICULTURAL SUPPLIES ORGANIZATION ORDINANCE, 1972

[29 ڊسمبر 1972]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ زرعي پيداوار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن جو قيام ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

## باب -I
## شروعاتي
## Chapter-I

## Preliminary

| | |
|---|---|
| 1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن آرڊيننس، 1972 سڏيو ويندو. | مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات Short title, extent and commencement |
| (2) هن جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي. | |
| (3)هي فوري طور ۽ اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندو، جيئن حڪومت مقرر ڪري. | |
| 2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين مفهوم ڪجھ ٻيو طلب نہ ڪري، هيٺين اظهارن جي ترتيبوار معنيٰ هن ريت هوندي: | وصفون Definitions |
| (a) "بورڊ" مطلب آرگنائيزيشن جو بورڊ آف ميمبرس; | |
| (b) "چيئرمين" مطلب آرگنائيزيشن جو چيئرمين; | |
| (c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت; | |
| (d) "ميمبر" مطلب آرگنائيزيشن جو ميمبر; | |
| (e) "عملدار" مطلب آرگنائيزيشن جوعملدار، سواءِ چيئرمين يا ميمبر جي; | |
| (f) "آرگنائيزيشن" مطلب سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن; | |
| (g) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل; | |
| (h) "قاعدن" ۽ "ضابطن" جي ترتيبوار معنيٰ هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا ۽ ضابطا. | |

## باب _II

## اسٽيبلشمينٽ، مئنيجمينٽ ۽ آرگنائيزيشن

## Chapter_II

## Establishment, Management and Organization

| | |
|---|---|
| 3.(1) حڪومت هڪ آرگنائيزيشن قائم ڪندي جنهن کي | قيام ۽ هيئت |

سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن سڏيو ويندو.

Establishment and incorporation

(2) آرگنائيزيشن باڊي ڪارپوريٽ هوندي جنهن کي هن آرڊيننس جي گنجائش موجب حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي, تہ جيئن سڄي صوبي ۾ ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت رکي سگهندي ۽ جاٽايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

مئنيجمينٽ ۽ ايڊمنسٽريشن Management and administration

4. (1) عام هدايت ۽ آرگنائيزيشن جو انتظام ۽ ان جا معاملا بورڊ آف ميمبرس جي هٿ هيٺ هوندا جيڪو سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙا قدم ڪڻندو ۽ اهڙيون شيون ڪندو. جيڪي آرگنائيزيشن طرفان ڪرڻا يا استعمال ڪرڻا هوندا.

(2) بورڊ جي پنهنجا ڪم سرانجام ڏيڻ دوران پاليسي سوالن تي حڪومت طرفان وقت بوقت اهڙين هدايتن ذريعي رهنمائي ڪئي ويندي ۽ حڪومت پاڻ طئي ڪندي تہ آرگنائيزيشن کي ڏنل هدايت پاليسي سوال تي آهي يا نہ آهي.

(3) جيڪڏهن بورڊ ذيلي دفعہ (2) تحت ڏنل ڪنهن هدايت تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ حڪومت چيئرمين سميت ميمبرن کي هٽائي سگهي ٿي ۽ جيستائين ڪجھ دفعہ 5 جي متضاد نہ هجي, انهن جي جاءِ تي عارضي طور ماڻهو مقرر ڪري سگهي ٿي, جيستائين ان دفعہ تحت تازيون مقرريون ڪيون وڃن.

بورڊ جي جوڙجڪ Constitution of the Board

5. (1) بورڊ اهڙن آفيشل ۽ نان آفيشل ميمبرن تي مشتمل هوندو, جيڪي ستن کان وڌيڪ نہ هوندا, جيئن حڪومت طرفان مقرر ڪيا وڃن.

(2) حڪومت ميمبرن مان هڪ کي آپريشنل ڊائريڪٽر مقرر

ڪندي، جيڪو ذميوار هوندو:

(i)بورڊ جي هدايت موجب آرگنائيزيشن جا سمورا انتظامي معاملن لاءِ

(ii) زرعي شين جي فراهمي، انتظام ۽ ورهاست لاءِ

(iii) خاص ڪاتا تيار ڪرڻ ۽

(iv) اهڙين ٻين ذميوارين جي ادائگي جيڪي هن آرڊيننس جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن ۽ جيڪي بيان ڪيون ويون هجن.

**چيئرمين جي مقرري**
**Appointment of Chairman**

6. حڪومت ميمبرن مان هڪ کي چيئرمين مقرر ڪندي، جيڪو آرگنائزيشن جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو.

**عملدارن وغيره جي مقرري**
**Appointment of Officers etc**

7. (1) آگنائيزيشن اهڙا عملدار، صلاحڪار ۽ ملازم مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن اها پنهنجا ڪم موثر نموني سرانجام ڏيڻ لاءِ ضروري سمجهي، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن اها مناسب سمجهي.

(2)چيئرمين هنگامي صورت ۾، اهڙا عملدار ۽ ملازم اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪري سگهي ٿو، جيئن اهو مناسب سمجهي.

بشرطيڪ ڪلاس 1 گزيٽيڊ پوسٽ تي ڪيل هر هڪ مقرري بابت بورڊ کي بنا دير جي رپورٽ ڪيو ويندو ۽ ٽن مهينن کان وڌيڪ جاري نہ رکيو ويندو جيستائين بورڊ منظوري نہ ڏئي.

**ملازمت جي ڀرتي جا شرط ۽ انتظامي اختيار**
**Recruitment**

8. (1)آرگنائيزيشن جي عملدارن ۽ ملازمن جي مقرريءَ جو طريقيڪار ۽ انهن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا اهڙيءَ ريت هوندا جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

(2) قاعدن ۽ ضابطن موجب آرگنائزيشن پنهنجي عملدارن ۽

conditions of Service and disciplinary powers

ملازمن خلاف انتظامي قدم کڻڻ لاءِ مجاز هوندي.

بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

9. (1) بورڊ جي گڏجاڻي هر ٻن مهينن ۾ هڪ ڀيرو ڪئي ويندي جيستائين چيئرمين لکت ۾ بيان ذريعي اعلان نہ ڪري تہ بورڊ جي غور ڪرڻ لاءِ ڪو بہ معاملو رهيل نہ آهي.

(2) بورڊ جي هر گڏجاڻيءَ جا منٽ اتاريا ويندا ۽ ان مقصد لاءِ بڪ ۾ رڪارڊ ڪيا ويندا ۽ انهن تي چيئرمين طرفان صحيح ڪئي ويندي.

ريٽرنس اسٽيٽمينٽس وغيره
Returns statement, etc

10. حڪومت بورڊ کان ڪي اثاثا، اسٽيٽمينٽ، ڪاٿا، تفصيل يا بورڊ جي ضابطي هيٺ ڪن معاملن بابت ڪا بہ معلومات طلب ڪري سگهي ٿي.

منتقلي
Delegation

11. (1) بورڊ هن آرڊيننس يا قاعدن يا ضابطن تحت پنهنجا ڪي بہ اختيار چيئرمين يا ڪنهن ميمبر يا عملدار کي منتقل ڪري سگهي ٿو.

(2)چيئرمين ساڳيءَ ريت هن آرڊيننس يا قاعدن يا ضابطن تحت پنهنجا ڪي بہ اختيار ڪنهن بہ عملدار کي منتقل ڪري سگهي ٿو.

## باب _III
## ڪم
## Chapter_III
## Functions

ڪم

12. آرگنائزيشن ڪندي:

| | |
|---|---|
| Functions | (a) سڄي صوبي ۾ آباگارن کي سڌارو آندل ٻج ۽ ڀاڻن جي واپاري بنيادن تي فراهمي، پهچائڻ، ذخيرو ڪرڻ ۽ ورهائڻ جا جوڳا انتظام ڪندي، بشرطيڪ عملي طور تي اهڙي فراهمي آرگنائيزيشن طرفان پاڻمرادو ڪئي ويندي يا ٻجن ۽ ڀاڻن جي ورهاست جي ايجنسين جي ذريعي ورهاست جي اجازت ڪڏئي سگهي ٿي، جهڙوڪ ڪو آپريٽو سوسائٽيز ذريعي اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛<br>(b)سڌارو آندل زرعي مشينري ۽ اوزارن جي بناوت ۾ مدد ڪرڻ، همت افزائي ڪرڻ ۽ هٿي ونرائڻ پر اهڙي ڪنهن بناوت ۾ پاڻ حصو نہ وٺندي؛<br>(c) ڪنهن مخصوص ايراضي ۾ ٻج ۽ ڀاڻ استعمال ڪرڻ جي سروي جاري رکڻ يا سروي جاري رکڻ جو سبب بڻجڻ ۽ اهڙي سروي يا تجربن تي خرچ ڪرڻ؛<br>(d) ڪنهن شخص، باڊي يا ايجنٽ طرفان آرگنائيزيشن جي ڪم سان لاڳاپيل ڄاڻايل سروي ۽ تجربن تي ڪيل خرچ ۾ حصو ڏيڻ؛<br>(e)هارين ۾ تصديق ٿيل ٻجن ۽ ڪيميڪل ڀاڻن ۽ زرعي پيداوار بابت مشهوري ڪرڻ، ڄاڻ فراهم ڪرڻ. |

## باب ـ IV

## اختيار

## Chapter_IV

## Powers

| | |
|---|---|
| عام اختيار<br>General Powers | 13. (1) آگنائيزيشن اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿي ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿي جيڪي اها هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ لازمي يا ضروري سمجهي. |

(2) آرگنائيزيشن کو خرچ برداشت ڪري سگهي ٿي، مقامي يا پرڏيهي وسيلن کان ٻجن يا پاٽن جا نمونا حاصل ڪري سگهي ٿي، يا پنهنجي استعمال لاءِ ڪي ٻوٽا، مشينري يا سامان حاصل ڪري سگهي ٿي ۽ ڪنهن ٺيڪي ۾ داخل ٿي سگهي ٿي ۽ اهڙا سمورا قدم ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙن ٺيڪن جي ڪارڪردگي لاءِ ضروري شيون ڪري سگهي ٿي.

(3)آرگنائيزيشن ڪنهن شخص يا آرگنائيزيشن سان ڪمرشل ٽرانزيڪشن ۾ شامل ٿي سگهي ٿي.

آرگنائيزيشن جي مقصد لاءِ ايراضي جو اعلان
Declaration of area for purpose of Organization

14. (1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن ايراضي، عمارت جيڪا رهائشي مقصدن لاءِ استعمال ۾ نه هجي، تعمير، گدام يا ڪوڙهه انڪلوزر کي آرگنائيزيشن جي استعمال جي مقصد لاءِ فوري گهربل ايراضي طور اعلان ڪري سگهي ٿي.

(2)ڪنهن ايراضيءَ جي سلسلي ۾ نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ کانپوءِ، آرگنائيزيشن ڪليڪٽر سان رابطو ڪندي جيڪو ڄاڻايل عمارت، تعمير، گدام يا انڪلوزر جي مالڪ کي اهڙو جوڳو نوٽيس ڏيڻ کانپوءِ ان جو قبضو آرگنائيزيشن حوالي ڪندو.

بشرطيڪ اهڙي ايراضي آرگنائيزيشن طرفان تيستائين نه والاري ويندي جيستائين آرگنائيزيشن ۽ مالڪ وچ ۾ طئي ٿيل معاهدي تحت ڀاڙو نه ڏنو ويندو ۽ جتي ڀاڙي بابت ڪو معاهدو ناهي ڪيو ويو ته ڀاڙو ڪليڪٽر يا ايراضي جي رينٽ ڪنٽرولر طرفان اوڳاڙيو ويندو.

## باب ـ V

## ماليات

# Chapter_V
# Finances

آرگنائيزيشن فنڊ
Organization Fund

15. (1) هڪ فنڊ هوندو جنهن کي "آرگنائيزيشن فنڊ" سڏيو ويندو جيڪو آرگنائيزيشن طرفان هن آرڊيننس تحت ڪمن جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو، بشمول پگهارن جي ادائگي ۽ چيئرمين، ميمبرن، آپريشنل ڊائريڪٽر، عملدارن، صلاحڪارن ۽ آرگنائيزيشن جي ملازمن کي ٻين معاوضن جي.

(2) آرگنائيزيشن فنڊ مشتمل هوندو:

(i)حڪومت طرفان ڪيل گرانٽ؛

(ii) حڪومت کان حاصل ڪيل قرض؛

(iii) حڪومت جي خاص يا عام منظوري سان ڪمرشل بئنڪن کان حاصل ڪيل قرض؛

(iv)ايجنسين جون سموريون رجسٽريشن فيس، ملازمن طرفان ڏنل ضمانتون وغيره.. جيڪي آرگنائيزيشن طرفان وصول ڪيون ويون هجن؛ ۽

(v) آرگنائيزيشن طرفان حاصل ڪيل ٻي ڪا رقم.

فنڊس جي حوالگي ۽ سيڙپڪاري
Custody and Investment of funds

16. (1) آرگنائيزيشن رقم ڪنهن ٽريزري، ذيلي ٽريزري يا شيڊولڊ بئنڪ ۾ رکي سگهي ٿي.

(2) ذيلي دفعه (1) ۾ شامل ڪجهه به تنظيم کي اهڙي رقم ڪنهن گورنمينٽ سڪيورٽيز يا حڪومت طرفان منظور ٿيل بئنڪ جي فڪ ڊپازٽ ۾ رکڻ کان نه روڪيندو جيڪا رقم ڪنهن تڪڙي خرچ لاءِ گهربل نه آهي.

بجيٽ
Budget

17. آرگنائيزيشن پنهنجا ساليانا بجيٽ ڪاٿا تيار ڪندي جيڪي ساڳيا حڪومت کي بيان ڪيل تاريخ تائين جمع

ڪرائيندي ۽ حڪومت ڄاڻايل ڪاٿن ڪي اهڙي حد تائين ترتيب ڏئي سگهي ٿي، جيئن اها ضروري سمجهي.

## باب _VI

## قاعدا ۽ ضابطا

## Chapter_VI

## Rules and Regulations

| | |
|---|---|
| 18. (1) حڪومت هن آرڊيننس جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ جي مقصد لاءِ سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules |
| (2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا قاعدا فراهم ڪن ٿا: | |
| (a) آفيس جو مدو، رجسٽريشن ۽ ميمبرن جا شرط ۽ ضابطا؛ | |
| (b) ميمبرن جي نااهلي ۽ برطرفي؛ | |
| (c) ميمبرز جي عارضي آسامين جي پرتي؛ | |
| (d) ڪو ٻيو معاملو جيڪو هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب بيان ٿيڻو هجي. | |
| 19. (1) هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب، آرگنائيزيشن سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي. | ضابطا جوڙڻ جو اختيار Power to make regulations |
| (2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا ضابطا فراهم ڪن ٿا: | |
| (a)خاص معاملي يا معاملن تي غور ڪرڻ لاءِ ڪميٽين جي مقرري؛ | |
| (b) آرگنائيزيشن طرفان رقم جي سيڙپڪاري؛ | |
| (c) آرگنائيزيشن جي عملدارن ۽ ملازمن جي ملازمت جا | |

شرطون ۽ ضابطا طئي ڪرڻ؛

(d) ڪم جو طريقو ۽ آرگنائيزيشن جي فنڊس جا خرچ؛ ۽

(e) ٻيا ڪي معاملا جيڪي هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب ضابطن ۾ بيان ڪيا ويڃڻا هجن.

چيئرمين وغيره سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا

Chairman, etc deemed to be public servants

20. چيئرمين، هر ميمبر، آپريشنل ڊائريڪٽر ۽ ٻيا عملدار، صلاحڪار ۽ آرگنائيزيشن جا ملازم پاڪستان پينل ڪوڊ (1860 جو XLV) جي دفعہ 21 تحت سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

رهتن جي اوڳاڙي

Recovery of dues

21. چيئرمين يا ان طرفان عام طور تي يا خاص طور بااختيار بڻايل ٻيو ڪو شخص هن آرڊيننس تحت رهيل ڪنهن رقم يا هن آرڊيننس تحت ڪيل معاهدي جي رقم جي بازيابيءَ لاءِ ڪليڪٽر سان رابطو ڪري سگهي ٿو ۽ ڪليڪٽر ان سلسلي ۾ اهڙي رقم جي لينڊ روينيو جي رهت طور بازيابي ڪرائيندو.

معاوضو

Compensation

22. هن آرڊيننس تحت آرگنائيزيشن يا چيئرمين يا ڪنهن عملدار يا ملازم جي اختيارن جي استعمال سبب جيڪڏهن ڪو شخص نقصان کڻي ٿو ته ان کي آرگنائيزيشن جوڳو معاوضو ادا ڪري سگهي ٿي.

## باب ـ VII

## آڊٽ ۽ اڪائونٽس

## Chapter_II

## Audit and Accounts

اڪائونٽس ۽ آڊٽ

23. (1) آرگنائيزيشن جوڳا اڪائونٽس ۽ ٻيا لاڳاپيل

| | |
|---|---|
| Accounts and Audit | رڪارڊس جوڙيندي ۽ فائدي ۽ نقصان جي اسٽيٽمينٽ سميت اڪائونٽس جو ساليانو اسٽيٽمينٽ جوڙيندي ۽ اهڙين عام هدايتن جي روشني ۾ بئلنس شيٽ جوڙيندي جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.<br>(2) آرگنائيزيشن جا اڪائونٽس ڪمرشل آڊٽ تحت هوندا.<br>(3) آرگنائيزيشن ڊائريڪٽر ڪمرشل آڊٽ يا ان طرفان آڊٽ جي وقت تي ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل عملدار جي طلب ڪرڻ تي سمورا اڪائونٽس، ڪتاب ۽ لاڳاپيل دستاويز جمع ڪرائيندو ۽ اهڙي وضاحت ۽ معلومات جمع ڪرائيندي، جيڪا طلب ڪئي وڃي. |
| ساليانو رپورٽ<br>Annual Report | 24. (1) چيئرمين هر مالي سان جي ختم ٿيڻ تي هڪ ساليانو رپورٽ سال جي معاملن جي حوالي سان حڪومت کي جمع ڪرائيندو.<br>(2) حڪومت آرگنائيزيشن کان لکت اسٽيٽمينٽ، ڪاٿو تفصيل يا ان جي ضابطي هيٺ ڪنهن معاملي سان لاڳاپيل ڪا بي معلومات طلب ڪري سگهي ٿي. |

**باب _VIII**

**تحليل**

**Chapter_VIII**

**Dissolution**

| | |
|---|---|
| آرگنائيزيشن جي تحليل<br>Dissolution of the Organization | 25. (1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي آرگنائيزيشن کي اهڙي تاريخ کان تحليل ڪري سگهي ٿي، جيئن نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيو ويو هجي ۽ ان کانپوءِ آرگنائيزيشن اهڙي تاريخ کان تحليل ٿي ويندي.<br>(2)جاڻايل تاريخ کان سموريون ملڪيتون، فنڊس ۽ رهتون |

جيڪي ڄاڻايل تاريخ کان فوري اڳ آرگنائيزيشن ڏانهن هيون اهي موجود رهنديون ۽ حڪومت ڏانهن واجب الادا هونديون ۽ سموريون رهتون جيڪي اهڙي تاريخ کان اڳ آرگنائيزيشن ڏانهن هيون اهڙي تاريخ کانپوءِ اهي حڪومت ڏانهن ٿي وينديون.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**